# ۴. گيت

## ٻُڌو. ڳايو.

سانوڻ جي رت آئي، مستي ڇائي،
بوندو برسن بجليون ڪڙڪن،
ڪڪرن موج مچائي، مستي ڇائي.
ڌرتي جهومي، اَنبر جهومي، ڏار ڏارءُ پن پن جهومي،
هير ٿڌيءَ جي جهونڪن آندي ڪڻ ڪڻ ۾ سرهائي.
مستي ڇائي.
مور نچي ٿو، ڍيل نچي ٿي، من جي چنچل ڪلي ٽڙي ٿي،
ڪنهن جي منڙيءَ ياد اچي آ، من جي مونجهہ مٽائي.
مستي ڇائي.
ڪويل ڪو ڪو گيت ٻڌائي، پپئنرو مکڙين کي جاڳائي،،
ٿارين گل جي چپن چمڻ لاءِ پنهنجي ڇيلهہ جهڪائي.
مستي ڇائي.
تال نديون پرجي ويا سارا ڇوهہ لهر جي ڪٽيا ڪنارا،
بند نہ ڪن ٽاڪ ڪر تڏهن پيي - اچا وسڻ جي وائي.
مستي ڇائي.
وهنجي هر شئہ ڪئي صفائي ڌرتيءَ پاتي ساڙهي سائي،،
ڪارن ڪڪرن وسي آهہ، جڳہ جي پياس ٻجهائي.
مستي ڇائي



**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| رُتِ = مُندَ، | بَرسَن = وَسن، | اَنَبرُ = آسمان، |
| جهونڪِن = جهوبَن، | سَرهائي = خوشي، | چنڇل = چلولي ، |
| وَهنجي = سنان ڪري، | پياسَ ٻُجهائڻ = اُڃ مِٽائڻ، | تالَ = تلاوَ |

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

۱) ساوڻ جي رُتِ ۾ ڪڪر ڪيئن موڄ مچائن ٿا؟

۲) برساتي مُند ۾ ڌرتي ۽ آڪاس ڇا ڪندا آهن؟

۳) شاعر هن گيت ۾ ڪڪرن جو ڪهڙو چِتر چٽيو آهي؟

**سوال ۲: هيٺين سوالن جا جواب تورِي ۾ لکو.**

۱) ڪهڙا پکي ساوڻ جي مينهوڳيءَ ۾ ڪيئن موڄ مچائيندا آهن؟

۲) شاعر 'مستي ڇائي' ور ور ڪري ڇو لکيو آهي؟

**سوال ۳: بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو.**

۱) جهوٗلا جهوٗلِن ........................................................... مستي ڇائي.

۲) مورُ نچي ٿو ........................................................... مونجهه مِٽائي

۳) ڪوَيل ڪوُڪوُ........................................................... چيلهه جُهڪائي.

۴) وهنجي هر شئه ........................................................... پياسَ ٻُجهائي.

**سوال ۴: (الف) هن بيت مان 'ڇ' ۽ 'جهه' سان شروع ٿيندڙ تي تي لفظ ڳولهي لکو:**

**(ب) هن بيت مان ڪي ٻه پنج اهڙا لفظ ڳولهي لکو، جيڪي هنديءَ ۾ ٻه ڪتب ايندا آهن.**

**سوال ۵: خال ڀريو:**

۱) ...................... ٿڌيءَ جي جهونڪن آندي ڪَڙَ ڪَڙَ ۾ سرهائي.

۲) ڪنهنجي ..................... ياد اَچي آ، من جي مونجهه مٽائي.

۳) تال ندِيون ڀرجي ويا سارا، چوڌَهه لهر جي ڪَٽِيا ................ .

## پورڪ اَڀياس

**(۱) شعر بند تي عملي ڪم**

مور نچي ٿو ........................................ اَڇا وسڻ جي وائي.

(i) مناسب جواب چوکنڊن ۾ لکو:-

| | |
|---|---|
| گيت ڳائي. | |
| نچي ٿو. | |

(ii) جوڙا ملايو:-

| | |
|---|---|
| ١) پوئنرا | نازڪ |
| ٢) ناريون | ياد |
| ٣) ڪلي | مڪڙيون |
| ۴) منڙي | چنچل |

(iii) هيٺيان چؤڪنڊا پورا ڪريو:-

| | |
|---|---|
| مرڪز: | برسات جا نظارا |
| مٿي: | |
| ساڄي: | |
| کاٻي: | |
| هيٺ: | |

(٢) ’جيڪڏهن برسات نه پوي ته‘ اِن وشيه تي پنهنجا ويچار لکو:

(٣) اِنٽرنيٽ تي وڃي ڄاڻ حاصل ڪريو ته ڀارت وانگر ٻيا ڪهڙا ملڪ آهن، جتي برساتي مند هوندي آهي.

(۴) توهان کي ڏنل بيت جون ڪهڙيون سِٽون وڻيون ۽ ڇو؟

(۵) قدرت جي شين مان اَسانکي گهڻو ڪجهه سِکڻ لاءِ ملي ٿو. مثال جيئن ڌرتي اَسان کي سهنشيلتا جو گڻ سيکاري ٿي. تيئن هيٺ ڏنل شيون ڇا سيکارين ٿيون. لکو.
(تارا، سج، پاڻي، ڪمل جو گل، ڏيئو، ميهندي، گُلاب جو گُل)

LNJQSN

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

۱. هيٺيون ٽڪر پڙهي مشغوليون ڪريو:-

گهمڻ جو شوق مونکي ننڍي هوندي کان ئي آهي. البت اِها هڪ نرالي ڳالهہ تہ اڄڪلهہ نوڪريءَ جي وقت ۽ ٻين مشغولين سبب اِن لاءِ وقت گهٽ ملندو اٿم. هر روز صبح جو اٽڪل ساڍي ڇئين بجي اُٿندو آهيان. اِن جو اَصل ڪارڻ بہ اِسڪول واري زماني ۾ سُئر تي سوير نڪرڻ جي عادت آهي.

۱) ٽڪر مان لفظ ڳولهيو:

۱) وڏي جو ضد .....................................

۲) شام جو ضد .....................................

۳) 'جيتوڻيڪ' معنيٰ ڏيکاريندڙ.........................

۴) 'لڳہ ڀڳہ' معنيٰ ڏيکاريندڙ .........................

۵) عدد ڏيکاريندڙ لفظ ..................................

۶) 'غئر' جو هم آوازي لفظ..........................

(۲) ٽڪر تي آڌار رکندڙ ۲ سوال ٺاهيو:

(۳) 'منهنجو شونق' وشيہ تي ڪجهہ جملا لکو:

۲. هيٺين جملن مان ليڪ ڏنل لفظ وياڪرڻ موجب سڃاڻو:

(الف) اَسان سُياڻي نئين ڪار خريد ڪنداسين.

(ب) پارت سُني راند کيڏي پر هوُ هارائجي ويو.

(ب) مونکي پياءُ لاءِ رکڙي گُهرجي.

(پ) شاباس! تو گهڻي محنت ڪئي آهي.

(پ) مان امتحان ۾ اَول ايندس.

۳. زير زبر پيشُ جي ڪري بدل سدل

مثال ڪي ڏيان ۾ رکي ٻين لفظن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بہ جملا لکو.

مثال: سر

(i) سِرُ: مان ديش لاءِ سِرُ ڏيندس

(ii) سِرَ: سِرون پتين ٺاهڻ ۾ ڪم ايندين آهن.

(iii) سُرُ: لتا منگيشڪر جو سُرُ ڪوئل وانگر مٺو آهي.

۱) سڌ

۲) پت

۳) پت

۴) وت

۵) ڪت

۶) سک